SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXIII مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XXIII OF 1984

# زمين جي طلبي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE LAND ACQUISITION (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1894 جي ايڪٽ 1 جي دفعه 5 جي ترميم

Amendment of section 5 of Act 1 of 1894

3. 1894 جي ايڪٽ 1 جي دفعه 5_A جي ترميم

Amendment of section 5_A of Act 1 of 1894

4. 1894 جي ايڪٽ 1 جي دفعه 6 جي ترميم

Amendment of section 6 of Act 1 of 1894

5. 1894 جي ايڪٽ 1 جي دفعه 11 جي ترميم

Amendment of section 11 of Act 1 of 1894

6. 1894 جي ايڪٽ 1 جي دفعہ 18 جي ترميم

Amendment of section 18 of Act 1 of 1894

7. 1894 جي ايڪٽ 1 جي دفعہ 19 جي ترميم

Amendment of section 19 of Act 1 of 1894

8. 1894 جي ايڪٽ 1 جي دفعہ 20 جي ترميم

Amendment of section 20 of Act 1 of 1894

9. 1894 جي ايڪٽ 1 ۾ دفعہ 28_A جو اضافو

Insertion of section 28_A of Act 1 of 1894

10. 1894 جي ايڪٽ 1 جي دفعہ 31 جي ترميم

Amendment of section 31 of Act 1 of 1894

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXIII مجريہ 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XXIII OF 1984

## زمين جي طلبي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1984

## THE LAND ACQUISITION (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[30 سيپٽمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ زمين جي طلبي ايڪٽ، 1894 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ شرعي عدالت سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ زمين جي طلبي ايڪٽ، 1894 ۾ ڪجهہ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ زمين جي طلبي ايڪٽ، 1894 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي زمين جي طلبي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1894 جي ايڪٽ 1 جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of section 5 of Act 1 of 1894

2. زمين جي طلبي ايڪٽ، 1894 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، جنهن کي هن ڪانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان ۾ موجود دفعہ 5 کي ذيلي دفعہ (1) طور نمبر ڏنو ويندو ۽ ذيلي دفعہ (1) کي ايئن نمبر ڏيڻ ڪانپوءِ، هيٺيان نوان ذيلي دفعات وڌايا ويندا:

"(2) ذيلي دفعہ (1) تحت نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويندو، جيڪو دفعہ 4 تحت جاري ڪيل نوٽيفڪيشن واري تاريخ کان هڪ سال پوءِ نہ هوندو:

بشرطيڪ اهو وقت، جيڪڏهن ڪو هجي، جيڪو عدالتي تدارڪ واري ڪارروائي دوران گذريو هجي ۽ حڪومت هن دفعہ هيٺ نوٽيفڪيشن ڪيڻ کان اڳ زمين جي طلبي واري ڪارروائيءَ کي روڪيو هجي، تہ ان کي هڪ سال جو عرصو ڄاتو ويندو.

(3) جيڪڏهن ذيلي دفعہ (2) تحت ڄاڻايل وقت دوران نوٽيفڪيشن جاري نٿو ڪيو وڃي، طلبيءَ جي ڪارروائي ختم سمجهي ويندي."

1894 جي ايڪٽ 1 جي دفعہ 5_A جي ترميم
Amendment of section 5_A of Act 1 of 1894

3. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 5_A ۾، ذيلي دفعہ (3) ڪانپوءِ، هيٺيون نئون ذيلي دفعہ شامل ڪيو ويندو:

"(3_A). ذيلي دفعہ (2) تحت رپورٽ يا ذيلي دفعہ (3) تحت سفارشن موجب، جيئن بہ معاملو هجي، دفعہ 5 تحت جاري ٿيل نوٽيفڪيشن جي نوي ڏينهن دوران ڪمشنر ڏانهن اماڻيو ويندو ۽ ڪمشنر رپورٽ يا سفارشون، جيئن بہ معاملو هجي، ملڻ جي نوي ڏينهن دوران فيصلو ٻڌائي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن رپورٽ يا سفارشون، جيئن بہ معاملو هجي، اماڻيون ناهن ويون

يا فيصلو مخصوص وقت دوران ناهي پڌايو ويو، اهو سمجهيو ويندو تہ اعتراض پڌا ويا آهن ۽ طلبي جي ڪارروائي ختم ٿي ويندي“.

1894 جي ايڪٽ 1 جي دفعہ 6 جي ترميم
Amendment of section 6 of Act 1 of 1894

4. چاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 6 ۾، ذيلي دفعہ (1) ۽ ان جي شرطيہ بيان کانپوءِ، هيٺيون نئون ذيلي دفعہ شامل ڪيو ويندو:

”(1-A) پڌرنامو دفعہ 5 تحت جاري ڪيل نوٽيفڪيشن جي ڇهن مهينن اندر پڌرو ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن پڌرنامو ان عرصي دوران جاري نٿو ڪيو وڃي، تہ طلبي جي ڪارروائي ختم سمجهي ويندي:

بشرطيڪ اهو وقت، جيڪڏهن ڪو هجي، جيڪو عدالتي تدارڪ واري ڪارروائي دوران گذريو هجي ۽ حڪومت هن دفعہ هيٺ نوٽيفڪيشن ڪڍڻ کان اڳ زمين جي طلبي واري ڪارروائيءَ کي روڪيو هجي، تہ ان کي ڇهہ مهينن جو عرصو ڳڻيو نہ ويندو.

1894 جي ايڪٽ 1 جي دفعہ 11 جي ترميم
Amendment of section 11 of Act 1 of 1894

5. چاڻايل ايڪٽ ۾ موجود دفعہ 11 کي ان دفعہ جي ذيلي دفعہ (1) جو نمبر ڏنو ويندو ۽:

(i) ذيلي دفعہ (1) کي ايئن نمبر ڏيڻ کانپوءِ ان ۾:

(a) شق (ii) ۾، لفظ ”۽“ کي ختم ڪيو ويندو؛

(b) شق (iii) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن ۽ لفظ ”؛ ۽“ سان متبادل بڻايو ويندو؛

(c) شق (iii) کانپوءِ، هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

”(iv) خرچ يا ان جو حصو جيڪو صحيح معنيٰ ۾ ۽ مناسب طريقي سان دعويٰ جي تياريءَ لاءِ ڪيو ويو هجي ۽ معاوضي

لاءِ اهڙو ڪيس پيش ڪيو ويو هجي، جيڪو هو سمجهي ته ڏنو وڃي.”؛

(ii) ذيلي دفعه (1) کي ايئن نمبر ڏيڻ کانپوءِ، هيٺيون نئون ذيلي دفعه شامل ڪيو ويندو:

“(2) ڪيلڪٽر طرفان دفعه 6 تحت پڌرنامو جاري ٿيڻ جي ڇهن مهينن اندر ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويندو، جنهن ۾ ناڪام ٿيڻ تي ڪامورا يا عملدار جيڪي اهڙي اختياري طرفان اهڙي دير ۾ قصور وار هوندا ۽ اهڙي جاچ جيڪا قاعدن ۾ ڄاڻائي وئي هجي ان کانپوءِ، صوبائي حڪومت طرفان اهڙي دير واري عرصي لاءِ دفعه 28_A تحت اصافي معاوضو ادا ڪيو ويندو.”.

| | |
|---|---|
| 1894 جي ايڪٽ 1 جي دفعه 18 جي ترميم<br>Amendment of section 18 of Act 1 of 1894 | 6. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 18 جي ذيلي دفعه (1) ۾:<br>(a) لفظ “يا” کي ختم ڪيو ويندو؛ ۽<br>(b) آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کان اڳ، ڪاما ۽ لفظ “، يا اجازت ڏنل قيمتن جو ملهه” شامل ڪيا ويندا. |
| 1894 جي ايڪٽ 1 جي دفعه 19 جي ترميم<br>Amendment of section 19 of Act 1 of 1894 | 7. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 19 جي ذيلي دفعه (1) جي شق (c) ۾، لفظ “معاوضو” ۽ لفظ “ڏنل” وچ ۾ لفظ ۽ ڪامائون “۽ قيمتون، جيڪڏهن ڪي هجن،” شامل ڪيا ويندا. |
| 1894 جي ايڪٽ 1 جي دفعه 20 جي | 8. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 20 جي شق (c) ۾، لفظ “معاوضو” لاءِ لفظن “معاوضو يا ملهه” کي متبادل بڻايو |

| | |
|---|---|
| ويندو. | ترميم<br>Amendment of section 20 of Act 1 of 1894 |
| 9. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 28 کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي:<br>(28_A واڌارو معاوضو) دفعہ 4 تحت نوٽيفڪيشن جي تاريخ تي مقرر ڪيل مارڪيٽ اگهن جي بنياد تي طئي ڪيل معاوضي جي سلسلي ۾، ساليانو 15 سيڪڙو جي حساب سان واڌارو رقم مقرر ڪيل رقم کان علاوه دفعہ 4 تحت جاري ڪيل نوٽيفڪيشن مطابق معاوضي ڏيڻ واري تاريخ کان ادا ڪئي ويندي.". | 1894 جي ايڪٽ 1 ۾ دفعہ 28_A جو اضافو<br>Insertion of section 28_A of Act 1 of 1894 |
| 10. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 31 ۾:<br>(a) ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظ "معاوضو" ۽ لفظ "ڏنل" وچ ۾ لفظن ۽ ڪامائن "۽ قيمتون، جيڪڏهن ڪي هجن" ڪي شامل ڪيو ويندو.<br>(b) ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظ "معاوضو" ۽ لفظ "يا" وچ ۾ لفظن ۽ ڪامائن "۽ قيمتون، جيڪڏهن ڪي هجن،" ڪي شامل ڪيو ويندو. | 1894 جي ايڪٽ 1 جي دفعہ 31 جي ترميم<br>Amendment of section 31 of Act 1 of 1894 |
| **نوٽ:_ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | |